٧٨٦
٩٢

# مُتبرڪ نعتون



مرتب
علامہ عبدالوحيد جان سرهندي

اِي بوڪ اشاعت
اپريل: 2016

ڪمپوزنگ
احمدخان ڀرڳڙي
غلام مرتضیٰ ڀرڳڙي بدين

Email: akbhurgri@hotmail.com
پبلشر: www.sirhindi.net

جوڙي جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهن جوڙيائين،
خاوند خاص خلقي محمدﷺ مُڪائين،
ڪلمو تنهن ڪريم تي، چتو چايائين،
اَناَ مَوۡلَاڪَ وَ اَنۡتَ مَحۡبُوبِيۡ، ان پر اتائين،
ڏِڪي ڏِنائين، ٻئي سرائون سيد چوي.

•

اڪيون منهن ميهار ڏي، جن رکيون جوڙي،
ريءَ سنڌ سيد چوي، تار گهڻن توڙي،
تنين کي ٻوڙي، سائر سگهندو ڪين ڪي.

•

ڪيچان آيو قافلو، ساٿ ڏٺي سرواڻ،
وار وڏي واڳون ڪريان، پوان هوند پلاڻ،
جِهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سِتا ساٿ جي.

•

ماڻڪ مِٺ سندوم، اونداهيءَ ۾ سوجهرو،
حشر ويل حساب ۾، ڇڏي نـ ويندوم،
ساريو سڏ ڪندوم، ڪوهيارو ڪيچ ڏٺي.

(شاهه عبداللطيف)

مشهور و معروف نعت گو
شعراء ڪرام جي نعتن جو مجموعو

# متبرڪ نعتون

مرتب

**حضرت علامہ عبدالوحيد جان ’عبد‘ سرهندي**
مهتمم و مدرس
جامعہ مجدديہ سرهنديہ دارالارشاد
درگاھ سرهنديہ ٽنڊو سائينداد
تعلقہ ٽنڊو محمدخان، ضلع حيدرآباد
سنڌ

٧٨٦
٩٢

# انتساب

آئون بيحد عقيدت ۽ نهايت محبت سان، پنهنجي جد امجد صاحب فضيلت ومعرفت قطب زمان، قيوم دوران، عمدة العلماء، زينة الاصفياء، تاج الاولياء حضرت خواجه محمد حسن جان سرهندي مُجددي نقشبندي فاروقي قدس سره جن جي نالي مبارڪ سان هن ڪتاب کي منسوب ڪريان ٿو.

منهنجي لاءِ اهو اعزاز ۽ شرف ڪافي آهي.

از قلم
عبده عبدالوحيد عفي عنہ
٢٠٠٠,٢,٢٨

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (142) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪتاب ”**متبرڪ نعتون** “ جو مرتب علامه عبدالوحيد جان ’عبد‘ سرهندي آهي، جڏهن ته ڪمپوزنگ احمد خان پرڳڙي ۽ غلام مرتضیٰ پرڳڙي جن ڪئي آهي. احمد خان پرڳڙي سنڌ سلامت جو سينيئر ميمبر پڻ آهي.

اسان ٿورائتا آهيون احمد خان پرڳڙيءَ جا جنهن سافٽ ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي آهي.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين وٽان جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com

| نمبر | نعت | شاعر | صفحو |
|---|---|---|---|
| 1 | مقدمه | | 8 |
| 2 | جڏهن پروردگاري حڪم | آغا عبدالستار جان سرهندي | 10 |
| 3 | مُنهن تنهنجي منور ڪيو | = | 11 |
| 4 | رسول الله جي روضي رسايو | = | 12 |
| 5 | مديني پاڪ ڏي مون کي | آغا احمدجان سرهندي | 13 |
| 6 | محمد مير مدني کي | = | 14 |
| 7 | تنهنجي قدمن تان قربان | آغا محمد ابراهيم جان سرهندي | 15 |
| 8 | مٺڙو مٺڙو تنهنجو نام | = | 17 |
| 9 | محمد مصطفيٰ آهي | آغا عبدالوحيدجان سرهندي | 18 |
| 10 | مونکي تنهنجو ڪريم گهرجي | = | 19 |
| 11 | اسان جو پاڪ پيغمبر | = | 20 |
| 12 | تنهنجو نور انور | = | 21 |
| 13 | مصطفيٰ مجتبيٰ تي | = | 22 |
| 14 | يامحمد مصطفيٰ توتي | = | 25 |
| 15 | شوق منهنجو آهي هرهر | اسدالله شاهه تڪڙائي | 27 |
| 16 | ڪير فخرالمرسلين | = | 28 |
| 17 | محبوب خدا مونکي | محمد حافظ شاهه | 29 |
| 18 | جدائي ۾ حبيبن جي | = | 30 |
| 19 | مبارڪ صد مبارڪ | = | 31 |
| 20 | محشر ۾ موت مرسل | ميران محمد شاهه | 32 |
| 21 | بشر ڪان ڪيئن پڇي | محمد سعيد شاهه | 33 |
| 22 | يثرب ڏي وڃي مونکي | - | 34 |
| 23 | ننهن ۽ چوٽي آئون خطا | امدا حسيني | 35 |
| 24 | لااِلٰہ الا الله جي لاٽ | زين العابدين شاهه | 36 |
| 25 | اڄ ته آڏي رات جو | = | 37 |
| 26 | محبوب جي محفل ۾ | پير غلام جيلاني شاهه | 38 |
| 27 | آرزو آ موت تنهنجي | = | 39 |
| 28 | رسول الله جي ساراهه | مولانا محمد ابراهيم ناظم | 40 |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 29 | رسول الله جو روضو | قاضي نظر محمد سومرو | 41 |
| 30 | مونکي پيو ڪونہ ٿو گهرجي | عبدالعزيز ابڙو | 42 |
| 31 | منور ٿي ويو عالم | عبدالله اثر | 43 |
| 32 | منهنجو مصطفيٰ پاڪ | حاجي غلام نبي مهيسر | 44 |
| 33 | حاجي وڃو ٿا حج | غلام درگاهي روهڙي | 45 |
| 34 | الاهي جلد ڪر قسمت | غلام رسول جتوئي | 46 |
| 35 | شان رسالت مولا ڇاٽي | حافظ نثار ڪُبر | 47 |
| 36 | اي قلم لک باعث ايجاد | عزيز الله مجروح | 48 |
| 37 | مان ڪريان قربان عربيءَ | قاضي صاحب ماتلي | 49 |
| 38 | سچا سرور پرين پرور | غلام احمد نظامي | 50 |
| 39 | زماني جي پسنديده نظر ۾ | محمد حسن سالم | 51 |
| 40 | مچي وئي ڌوم عالم ۾ | نواز علي ناز | 52 |
| 41 | آهي نبي اسان جو | مولوي عبدالڪريم | 53 |
| 42 | يا رسول الله تنهنجو | حضرت شمسي | 54 |
| 43 | عرب تنهنجو مدني | = | 55 |
| 44 | لک بار مبارڪ | ماستر نظير ٽکڙائي | 56 |


# فارسي نعتون


| | | | |
|---|---|---|---|
| 45 | الاهي گرچہ بدڪارم | حضرت خواجہ صفي الله سرهندي | 58 |
| 46 | الاهي از ڪرم ڪن | حضرت خواجہ فضل الله سرهندي | 62 |
| 47 | زِ اوصاف مدينہ | خواجہ محمد حسن جان سرهندي | 63 |
| 48 | بجناب سرور انبياء | حضرت خواجہ عبدالباقي سرهندي | 64 |
| 49 | سجده قدسيان | حضرت شيرين جان | 65 |
| 50 | رباعي / قطعہ | | 66 |

# مقدمه

بسمهٖ سبحانهٗ وتعالیٰ وتقدس
احمده سُبحانهٗ وتعالیٰ و اصلي وسلم علیٰ اشرف الانبياء والمرسلين
وعلیٰ آلهٖ واصحابهٖ ولمن تبعه باحسان
الیٰ يوم الدين. آمين

بفضله تعالیٰ وبکمال کرمه اڄ مؤرخ 28 فيبروري 2000ع تي هي ڪتاب مستطاب المسمیٰ به ” متبرڪ نعتون“ لکجي مکمل ٿيو. هن متبرڪ ڪتاب ۾ اسان پنهنجي معلومات ۽ پسند مطابق سنڌ جي مشهور و معروف نعت گو شاعرن جون نعتون ڪتاب جي پهرئين حصي ۾ شامل ڪيون آهن، ۽ ڪتاب جي پوئين حصي ۾ اسان جي سرهندي بزرگن جون ڪجھ فارسي نعتون شامل ڪيون ويون آهن. اُميد تہ سيني پڙهندڙن کي هي ڪتاب پسند ايندو، ڇو تہ اسان ڪوشش ڪري سموري سنڌ جي عُمده شاعرن جي نعتن جو هي مجموعو پيش ڪيو آهي.

آخرِ ۾ آئون سيني پڙهندڙ حضرات کي گذارش ڪندس تہ اُهي هڪ دفعو الحمد شريف ۽ 3 دفعا قُل شريف پڙهي منهنجي جد امجد تاج الاولياء حضرت خواجہ محمد حسن جان سرهندي ۽ ٻين نقشبندي بزرگن جي ارواحن مبارڪن کي مذڪوره ختم شريف جو ثواب بخشين ۽ دعا گهرن تہ رب ڪريم پنهنجي حبيب ڪريم عليه الصلواة والسلام جي طفيل حضرت خواجه صاحب جن کي جنة الفردوس ۾ اعلیٰ کان اعلیٰ مکان عطا فرمائي ۽ سندن اولاد کي صالح ۽ سعادت مند ڪري ۽ دين ۽ دنيا ۾ ڪاميابي و ڪامراني عطا فرمائي ۽ سندن علمي ۽ روحاني فيوضات ۽ برڪات کي قيامت تائين قائم ۽ دائم رکي. آمين ثم آمين بجاه سيدالانبياء والمرسلين صلي الله عليه وآلهٖ وسلم.

بقلم
عبده عبدالوحيد جان سرهندي
از درگاهہ مُجدديہ، ٽنڊو سائينداد
ضلع حيدرآباد(ٽنڊو محمدخان) سنڌ
28.2.2000

# سنڌي نعتون

# نعت شريف

جڏهن پروردگاري حُڪم سان يومُ الحشر ٿيندو،
تڏهن حضرت محمد شافعِ جن و بشر ٿيندو.

آهن هت عاصين جا دامن پاڪ مُحمد ۾،
مِٺو مُرسل مِٺن تي مهربان ۽ مِهرَور ٿيندو.

گناهن ۾ گڏيل آهيان ، وسيلا واهه ٻي ڪانهي،
خدا جي واسطي مون تي ٻه شفقت جو نظر ٿيندو.

نہ ڪيم ڪا بندگي پوري نہ ڪيم ڪا طاعتِ موليٰ،
توهان جي مدد سان سائين، ڏکي پل تان گذر ٿيندو.

گهُران درگاهه حق جي مان هميش روز شب دائم،
ڪميني تي ڪرم سان مِهرباني جو نظر ٿيندو.

نڪا ٻي واٽ آهي چوٽڪاري جي شفاعت ري،
شفاعت کان ڦِري جو سو هميش دربدر هوندو.

نہ ڪر ٻئو "پير" تون هر گز هلاڪي هول هيبت کان،
مُهابي مير مرسل جي مٿم سؤکو سفر ٿيندو.

❋

حضرت آغا عبدالستار جان سرهندي
ٺٽو سائينداد

# نعت شريف

مُنهن تنهنجي مُنور ڪيو محراب بيتُ الله جو،
رُخ تنهنجي روشن ڪيو تَجلو ڪلام الله جو.

جنهن جنتِ جاويدڪي اوهان جي پسڻ لئي ڪيو ڦٽو،
هو هميشه آرزو آدم صفي الله جو.

موت مُهلت ڏي تہ من موٽي مديني ۾ رسان،
پيار سان هيڪر پسان روضو رسول الله جو.

جت ذات حق جو ظهور هو، اُت مُصطفیٰ مسرور هو،
گم هوش تجليءَ طُور ڪيو موسیٰ ڪليم الله جو.

آزاد ٿيو در دوجهان درد و غمن ڪان بي گمان،
پاڙو قبوليو ’پير‘ جنهن حُب مان حبيب الله جو.

•

حضرت آغا عبدالستار جان سرهندي
ٽندو سائيند

# نعت شريف

رسول الله جي روضي رسايو، مون کي مولا اچ،
پرين جي پاڪ پاڙي ۾ ، پچايو مون کي مولا اچ.

مُشرف ڪئي مديني جي زيارت سان ضعيفن کي،
سفر جي سخت صدمن کان بچايو مون کي مولا اچ.

اها لبيڪ جي للڪار، مون نئين مان نہ چئي آهي،
اکر ساڳيو ازل وارو ، چوايو مون کي مولا اچ.

الاهي منهنجو مدفن ڪر هتي جنت بَقِيَه ۾،
قيامت تائين رهان خوش جي رکايو مون کي مولا اچ.

مُسلمانو ڏسو هي مهرباني مِير مرسل جي،
سڏائي مون کي پنهنجي گهر گهُرايو مون کي مولا اچ.

سڏڻ سردار جو بيشڪ سڏڻ الله جو آهي،
تيان چو ڪين مان نازان سڏايو مون کي مولا اچ.

پرين پرور پسائين شال هر ڪنهن فرد مؤمن کي،
پرينءَ جو ديد جئين چئي 'پير' پسايو مون کي مولا اچ.

❊

حضرت آغا عبدالستار جان سرهندي
ٽنڊوسائينداد

# نعت شريف

مديني پاڪ ڏي مونکي گهُرائيندو رسولُ الله،
چگّي سا چائنث چشمن سان چُمائيندو رسولُ الله.

سندس در جي گدائي لئہ تيس حيران يا قسمت،
پيارو پِرت مان پيرو پسائيندو رسولُ الله.

مِٽو پاٽي مديني جو ، متا ماٽهو مديني جا،
سُرهي سپ خاڪ يثرب جي، سونگهائيندو رسولُ الله.

بهشتي باغ بطحا جا ، متا مِصري ڪنان ميوا،
گهٽيون گهر گام گولي کي گهمائيندو رسولُ الله.

پرين جي پاڪ پاڙي ۾ رهي پرتؤن مزا ماٽيان،
اهو آهي عرض 'احمد' جو اگهائيندو رسولُ الله.

❊

حضرت مولانا حافظ احمدجان سرهندي
ٽنڊو محمدخان

# نعت شريف

مُحمد مير مدني ڪي مُڪو رحمت ڪري مولا،
سندن تعريف ۾ نازل ٿيو ڪامل ڪلام الله.

اول سيني ڪنان ، صاحب بنايو نُور نِرمل جو،
نبيءَ جي نُور مان پيدا ٿيو آدم صفي الله.

ڏُڪر ويو ڏيھ مان نڪري، وٺا بادل سندا برڪت،
ملڪ ماڻھن مبارڪ چئي پلي آئين رسولُ الله.

ويو اونداھ عالم تان ، ٿيو اسلام سان روشن،
ڪِريا ڪنگرا سندا ڪِسريٰ ، بتن کان پاڪ بيت الله.

ڏٺي دربار ۾ دعوت ڪري ڪوٺائيو دلبر،
ملڪ مرسل عجب ۾ پيا، چيو سيني سُبحان الله.

شفاعت عام ۾ تُنهنجي آھي اُميد 'احمد' کي،
هُجن هردم مٿي حضرت صلواةُ الله سلامُ الله.

❊

حضرت مولانا حافظ احمدجان سرهندي
ٽنڊومحمدخان

# نعت شريف

تنهنجي قدمن تان قربان سڄڻ،
توتان صدقي منهنجي جان سڄڻ.

هڪ جان سندم اي جان جهان،
ڇا آهي جو گهوريان تنهنجي مٿان،
توتان گهوري جانيون سارو جهان،
توتان قربان ٿئي جي ڪون و مڪان،
تہ بہ تنهنجو اچان وڌ شان سڄڻ.....

تنهنجي خاڪ قدم سڀ روءِ زمين،
ٿيا نَو فلڪ تنهنجي زير نگين،
توکي پيرين پوندل عرش برين،
تنهنجي راهہ جو چاڪر روح امين،
تنهنجو ساٿي خود سُبحان سڄڻ....

توکي عالم جو ڪُل علم اُتم،
تنهنجي علم ۾ قطرو جيئن قُلزم،
تنهنجي علم اڳيان ڇا لوح قلم،
توتي آہ عيان ڪُل ڪتم عدم،
توتي پڌرو ڪُل پنهان سڄڻ ....

توکي رب سڌي سوغات ڏني،
جيڪا تو گهري اُت سا تہ ڏني،
پر بي بہ اجان اُن ذات ڏني،
توکي ڏاتر هر ڪا ڏات ڏني،
توکي ڏاتر بخشيو دان سڄڻ....

توکي آگي جا انعام ڏنــي،
سا تہ مــوليٰ پنهنجــي مام ڏني،
ڪَل ڪنهن کي اُنهيءَ جي ڪام ڏني،
سڀ خلق خدا تنهنجـي سامَ ڏني،
تنهنجي جهولي منجھ جهان سڄڻ....

تنهنجي جهولي ۾ پيو جملي جهان،
لڌو هر دو جهــان ۾ امن و امان،
تنهنجي سام جا تيـڙا پاڳ سـوان،
لڌا اونـــا 'ابراهــيــم' چـوان،
سريو عـالـم اطمينان سڄڻ.....

*

حضرت آغا محمد ابراهيم جان سرهندي
گلزار خليل سامارو

# نعت شريف

منـڙو منڙو تنهنجو نـام توتي سهسين صلواتـون سـلام،
تنهنجو پيـار پريـو پيغام توتي سهسيـن صلواتون سلام،
يا نبي يانبي يا نبي يا نبي . . . . . . . . . . . . . . .

ڪفر ڪيو تو ملڪ مان ڪوري، ڪفر جا بُت ڀڃي ۽ ڀوري،
آندئي دين عجب اسلام ، توتي سهسين صلـواتـون سلام.

دنيا سڀ ڪجهه توڪان پرايو، ڪُل جڳ پنهنجو جهول پرايو،
سڀ ڪي سڀ ڏنئي انعام ، توتي سهسين صلواتون سلام.

ماڻهو جن ملائڪ سارا ، تو لئه جڙيا سڀ سج چند تارا،
اڻ ڪٿ خلق سندا اقسام، توتي سهسين صلواتون سلام.

سجدا توکي وٽن تي ڪَيڙا ، پيرين توکي اچي تي پيڙا،
حڪم مڃيو تي تڙ ۽ لام، توتي سهسين صلواتون سلام.

جلدي 'ابراهيم' گهرائج پنهنجو روضو پاڪ پسائج،
آهي اَڻ ڪُٿ جت آرام، توتي سهسين صلواتون سلام.

❊

حضرت آغا محمد ابراهيم جان سرهندي
گلزار خليل سامارو

# نعت مصطفيٰ

صلي الله عليہ و آلہٖ وسلم

محمد مصطفيٰ آهي، حبيبِ ڪبريا آهي،
اهوئي ابتدا آهي ، اهوئي انتها آهي.

نہ دنيا هئي نہ عُقبيٰ هئي نہ ئي مخلوق خلقيل هئي،
مگر اول سين ڪان ئي ، رسولِ مجتبيٰ آهي.

خدا خلقيو جهانن کي رسولُ الله جي صدقي،
اهوئي رحمتِ عالم ، اِمامُ الانبياءَ آهي.

ذڪر اذڪار سڀ فاني مُحمد جو ذڪر باقي،
سبب هي ٿيو جو خود الله، سندن ئي نعت خوان آهي.

صُبح سانجهي سدائين سڀ، پڙهو صلواة سيد تي،
سين وردن ڪان اعليٰ هي ، وظيفو بي بها آهي.

قبر محشر ۽ دنيا ۾، مدد ڪنهن جي نہ ٿي گهرجي،
سهارو 'عبد' جو هر دم ، رسولِ دو جهان آهي.

●

عبده عبدالوحيد جان سرهندي
ٽنڊو سائينداد

# اِلتجا

بحضور پُرنورسرور ڪائنات مفخر موجودات صلي الله عليه وسلم

مون کي تنهنجو ڪرم گھرجي، ڪرم ڪر يارسول الله،
مون کي تنهنجو فضل گھرجي فضل ڪر يارسول الله.

مُنهنجا سائين اچو جلدي، مدد ڪريو مون عاجز جي،
نظر ڪريو مون تي جلدي، پرم سان يارسول الله.

وسيلـــو تو سوا ناهي، وسيلو ٿي تون اي عـربـــي،
ٻڌو فـــرياد منهنجـــو هيءُ، رحـــم سان يارسول الله.

مُهـــابي اهل بيتن جي ، طفيلي سڀ صحابن جي،
توجه ڪُل ڪريو مـــون تي، ڪرم سان يارسول الله.

شريعت تي عمل گھرجي، طريقت جو سبق گھرجي،
عنايت جي نظـــر گھرجي ، مهـر سان يارسول الله.

غلاميءَ جو شرف بخشيو، سدا هن عبد عاجز کي،
ٿين مقصد سيئي پورا ، لطف سان يارسول الله.

❋

عبده عبدالوحيد جان سرهندي عفي عنہ
ٿندو سائينداد

# نعت شريف

اسان جو پاڪ پيغمبر، مُحمد سرورِ عالم،
اسان جو شافعِ محشر، مُحمد سرورِ عالم.

ڪري معراج جسماني، ويا عرشِ معليٰ تي،
مِلين اختيار رحماني، محمد سرورِ عالم.

خدا جي پاڪ هستيءَ جو، ٿيو ديدار عربيءَ کي،
آهي محبوب سُبحاني ، محمّد سرورِ عالم.

عطا ٿي ڪين سرداري، نبين ۽ رسولن جي،
اهو اعزاز رباني محمّد سرورِ عالم.

خدا جي مهرباني ٿي، مُهابي مير مرسل جي،
مليو هي دين لاثاني محمد سرورِ عالم.

نوازش جي نظر گهرجي سدا هن 'عبد' عاجز کي،
ڪندو احسان سُلطاني محمّد سرورِ عالم.

❊

عبده عبدالوحيد جان سرهندي عفي عنہ
ٽنڊو سائينداد

# نعت شريف

تنُھنجو نور انور هو نِقابن جي وچ ۾،
خدا پاڻ خلقيو ، حِجابن جي وچ ۾.

اِها ڳالھ مذڪور حديثن ۾ آهي،
وڏي معتبر تي ڪتابن جي وچ ۾.

انهيءَ نور انور مان تي تخليق ساري،
خدا جي خدائي هئي، رازن جي وچ ۾.

تنهنجو ذڪر اعليٰ سين ڪان ئي آهي،
لکيل هي بيان تيو، سيپارن جي وچ ۾.

وظيفو اسان جو صبح شام آهي،
توهان جو ئي نالو صلواتن جي وچ ۾.

مَدح مُصطفيٰ جي هڪ اعزاز آهي،
مِليو 'عبد' کي هي غلامن جي وچ ۾.

❊

عبده عبدالوحيد جان سرهندي
تندو سائينداد

## سرور ڪائنات صلي الله عليہ وسلم
جي دربار اقدس ۾ هديه صلواة و سلام

مصطفيٰ مجتبيٰ تي صلواتون سلام،
مبتديٰ منتهيٰ تي صلواتون سلام.

سيدُ الانبياء تي صلواتون سلام،
زينةُ الاصفياء تي صلواتون سلام.

جنهن جي آمد سان تي وئي گهڻي روشني،
اُن جي آمد عُليٰ تي صلواتون سلام.

جنهن جي رحمت سان ڪَون و مَڪان آهي،
اُن جي رحمت عُليٰ تي صلواتون سلام .

آهي جنهن جي نگاهِ ڪرم سڀ تي،
اُن جي نوري نگاه تي صلواتون سلام.

آهي جنهن جي سخاء ۽ عطا سڀ تي،
اُن جي جود وسخا تي صلواتون سلام.

تنهنجي هر هڪ ادا تي خدا کي وڻي،
اُن ادا باوفا تي صلواتون سلام.

تنهنجي هر هڪ رضا تي خدا کي وڻي،
اُن رضا پُر ضيا تي صلواتون سلام.

سبز گنبد ۾ جيڪو مَڪين آهي ،
اُن خيرالوريٰ تي صلواتون سلام.

سر زمين عرب جي جنهن مقدس ڪئي ،
اُن نورالهديٰ تي صلواتون سلام.

صدق ۾ تيو صديق سين ڪان مٿي،
اُن صاحب تُقيٰ (١) تي صلواتون سلام.

عدل ۾ تيو فاروق سين ڪان مٿي ،
اُن صاحب نُهيٰ (٢) تي صلواتون سلام.

با ادب با حيا تيو عثمانِ غني ،
اُن جي ادب و حيا تي صلواتون سلام.

شيرِ يزدان علي تيو سين جو ولي،
اُن جي همت عُليٰ تي صلواتون سلام.

اهل بيتن جو جيڪو امام آهي،
اُن حسن مُجتبيٰ تي صلواتون سلام.

سيدُالشُهداءُ ڪان ٿيو راضي نبي،
اُن حسين مرتضيٰ تي صلواتون سلام.

صالحن صديقين ۽ شهيدن مٿي ،
اُن جي نسبت عُليٰ تي صلواتون سلام.

’عبد‘ ڪي عربي جي هي غلامي ملي ،
اُن جي خدمت عُليٰ تي صلواتون سلام.

❉

عبده عبدالوحيد جان سرهندي
ٺٽو سائينداد

(١)پرهيزگار (٢)عقلمند

# نعت شريف

## هديہ صلواة و سلام

يا محمد مصطفيٰ توتي صلواتون ۽ سلام،
يا حبيبِ ڪبريا توتي صلواتون ۽ سلام.

رات ڏينهن شام و سَحر هر وقت ۽ هر هنڌ ۾،
منهنجي طرفان هر مهل، توتي صلواتون ۽ سلام.

حق تعاليٰ ۽ فرشتا موڪلن ٿا هر زمان،
يا رسولِ مجتبيٰ توتي صلواتون ۽ سلام.

حُڪم آهي مؤمنن، هردم پڙهن توتي صلوات،
دل جي عقيدت سان سدا، توتي صلواتون ۽ سلام.

دل جي صداقت سان سدا، مؤمن پڙهن ٿا هر زمان،
يا شفيع المُذنبِين ، توتي صلواتون ۽ سلام.

صاحبِ لولاڪَ سائين مالڪ مُختار ڪُل،
رحمةً للعالمين ، توتي صلواتون ۽ سلام.

اعليٰ ٿيو تنهنجو ذڪر ۽ خاص تنهنجي شان ۾،
ڪولي پڙهو قرآن ڪي توتي صلواتون ۽ سلام.

تنهنجي شفاعت عام ٿي آهي سين اُميد هي،
بخشجي ويندا سيئي، توتي صلواتون ۽ سلام.

نُور تنهنجي مان خدا پيدا ڪيا سارا جهان،
ناهين مِثل تون ڪنهن بشر، توتي صلواتون ۽ سلام.

دربار رب جي ۾ سدا تنهنجو وسيلو ٿا وٺون،
بي ڪسن جا پرجهلا ، توتي صلواتون ۽ سلام.

مؤمنن کي ساهه کان ويجهو آهي عربي رسول،
فرمان ٿيو مالڪ جهان، توتي صلواتون ۽ سلام.

چئني صحابن تي سدا رحمت آهي رحمٰن جي،
۽ اهل بيتن تي سدا ، توتي صلواتون ۽ سلام.

هر هڪ صحابي بي مثل، ثاني نہ تن جو ڪو اصل،
۽ نيڪ امت تي سدا ، توتي صلواتون ۽ سلام.

علم توکي سڀ عطا ڪيا رب پنهنجي فضل سان،
احسان ٿيو الله جو ، توتي صلواتون ۽ سلام.

عرض آهي ’عبد‘ جو، مون کي گهرائي مصطفيٰ،
مُلڪ پنهنجي ۾ سدا ، توتي صلواتون ۽ سلام.

❋

’عبده‘ عبدالوحيد جان سرهندي
ٽنڊو سائينداد

# نعت شريف

شوق منهنجو آهي هر هر ، يا شفيع المُّذنبين،
تي رهي دل منهنجي مُضطر ، يا شفيع المذنبين.

کڻ نقاب از روءِ اَنور يا شفيع المُذنبين،
ديده دل ڪــر مُــنور يا شــفــيع المُذنبين.

تـشـنـئِ ديــدار کي سيراب ڪر بهر خدا،
مالڪِ تسنيم و ڪــوثــر يا شفيع المُذنبِين.

نُور تنهنجي مان سين کي تي عطا جلوه گري،
واه تون خورشيد اَنور يا شفيع المُذنبين.

جاده (1) ايمان تي منهنجو خاتمون ٿئي خير سان،
منهنجا هادي منهنجا رهبر يا شفيع المذنبين.

❉

قاضي اسدالله شاهﹸ فداﹸ تڪڙائي
وسين ملوڪ شاه

(1) رستو ۽ واٽ

# نعت شريف

ڪير فخرالمرسلين ٻيو ماسوائي مُصطفيٰ،
ڪير روز حشر شافع، ٿيو ورائي مُصطفيٰ.

ڪنهن کي ٿيو قرب خدا، اهڙو سوائي مصطفيٰ،
عرش فرش مصطفيٰ قوسين جائي مصطفيٰ.

ڪنهن کي ٿي مُهر نبوت ما سوائي مصطفيٰ،
ڪير ٿيو ختم رسالت ماورائي مصطفيٰ.

ڏي مون کي دارين ۾ يا رب بَرائي مصطفيٰ،
ذوق عشقِ مصطفيٰ شوقِ لقائي مصطفيٰ.

*

قاضي اسدالله شاه’فدا‘ ٽکڙائي
وسين ملوڪ شاه

# نعت شريف

محبوب خدا مون کي مديني ۾ گهُرائي، ديدار ڪرائي،
شب روز جُدائي تي سندم جان جلائي، ديدار ڪرائي.

هي آس اندر ۾ آهي ٿيان اچي حاضر، اي بندهء پرور،
بدڪار کي هن بند مان جلدي تون ڇڏائي، ديدار ڪرائي.

شب روز روئي راهه مديني جي نهاريان، هنجون هجر مان هاريان،
مشتاق کي مولا سِگهو محبوب مِلائي ، ديدار ڪرائي.

ڪج مون تي شفاعت جي نظر آهيان گنهگار، اي سيد ابرار،
’حافظ‘ کي سڪرات جي سختي کان ڇڏائي، ديدار ڪرائي.

❊

محمد حافظ شاهه تڪڙائي
وسين ملوڪ شاهه

# نعت شريف

جُـــدائي ۾ حـبيبن جي جلي جند جان دل منهنجي،
ڪڏهن ملندا وري جاني سڪي ساري تي دل منهنجي.

سڄڻ جي سهڻي صورت سان، نہ مٽ مهتاب تي سگهندو،
پسڻ خاطر پرينءَ جي تي رهي بيتاب دل منهنجي.

عرض شام و صبح آهي صلواتن ۽ سلامن سان،
درودن ۽ دُعـائن سان ڪري فـرياد دل منهنجي.

تون ئي روشن شمع آهين، پتنگ وانگر تئي قربان،
سندئي قدمن مٿان صـدقي سچا سردار دل منهنجي.

صدا ’حـافـظ‘ جي آهي هي گهرايو جلد يثرب ۾،
ڪري ديـدار روضـي جو تئي شل شاد دل منهنجي.

*

محمد حافظ شاه تڪڙائي
وسين ملوڪ شاه

# نعت شريف

مبارڪ صد مبارڪ آهي محبوبِ خدا آيو،
اسان عاصين گنهگارن لئي تي شافع وريٰ آيو.

ڪيو روشن اچڻ سان جنهن زمين ۽ آسمانن کي،
اهو محبوب رب العالمين خيرالوريٰ آيو.

ڪِري تارن ڪيا سجدا نبيءَ جي نور جي سامهون،
ٿيا هر دوجهان روشن نبيءَ نُورالهديٰ آيو.

هلي جبرئيل امين آيو ڪرائڻ سير سيد کي،
شبِ معراج ۾ عرشِ عُليٰ تي مصطفيٰ آيو.

چمڻ سان چام مرسل جي سُڪا وڻ تي ويا ساوا،
ٿـڙيا گلـزار ۾ گل قُل حبيبِ ڪبريا آيو.

ڪلي خوشبوءِ ڪتوري جي هلي هر هنڌ سا هٻڪار،
نہ تي ’حافظ‘ ڪڏهن غمگين اجهو شافع وريٰ آيو.

*

محمد حافظ شاھ تڪڙائي
وسين ملوڪ شاھ

# نعت شريف

محشر ۾ موٽ مرسل، واهر تي مون ولهيءَ سان،
هيڪـــر هلان مـــديـنـــي، ڪر مهر مون ڏليءَ سان.

عيبن ڪان آجي ناهيان، در تنهنجي عاصي آهيان،
چانئٺ چمڻ تي چاهيان، ڪر پال مون پُليءَ سان.

محبـوب تـون سبحانــي، رحمان جو تون جاني،
تنهنجو نہ ڪوئي ثاني، ڏيڍ تيج مون ڏُلهيءَ سان.

سانديان سدا تہ سڪ تي، هر دم هنئين کي چڪ تي،
قسمت منهنجيءَ جي چُڪ تي، ڪر رحم مون رُليءَ سان.

دل ساڻ دانهن ڪريان تي ، شب روز مان رڙان تي،
'مهجور' جو تي ساتي، ڪـوثـر پيان علــــيءَ سان.

❋

سيد ميران محمد شاه ٽڪڙائي
وسين ملوڪ شاه

# نعت شريف

بشر ڪان ڪيئن پُڄي سگهندي ثنائي سرورِ عالم،
خــدا خود ٿو رهي مِدحت سرائي سـرورِ عــالـــم.

لڪيـن دنيا اندر ٿيا انبيـــــاءَ ۽ اوليــاءَ هــادي،
مگــر هڪــڙو نہ ناهـي ڪو بجائي سـرورِ عــالم.

شبِ معراج ۾ مـوليٰ گهرائي مـيــر مــرسـل کـي،
ڏنـو رب عــرش اعـلــيٰ تي لِقــاءِ ســرورِ عالم.

نہ ان کي غم قيامت جو، نہ خطرو خوف دوزخ جو،
رهي جو جان ۽ دل سان فـدائي، ســرورِ عــالـــم.

شفاعت ڪج شفيعُ المذنبين محشر ۾ اُمت تي،
عذابِ نار دوزخ کان بچـائــي ســــرورِ عــالـم.

سڪايل ’سعيد‘ جي شام و سحر هي التجا آهي،
سگهو مون کي مديني ڏي سڏائي سرورِ عالم.

*

محمد سعيد شاھ تڪڙائي
وسين ملوڪ شاھ

# نعت شريف

يثرب ڏي وڃي مونکي هلو ساڻ خدارا، او قافلي وارا،
هيڪر مان ڏسان شال مديني جا مُنارا، او قافلي وارا.

هڪ پَل ۾ هلي شال مديني کي رسان مان، پڄري کي پسان مان،
فرقت ۾ محمّد جي سندم دل تي سيپارا، او قافلي وارا.

سيني ۾ اٿم شوق ڏسان روضهء انور درگاهه پيغبر،
دل کي ٿا وڻن يثرب جي گلشن جا نظارا، او قافلي وارا.

پيغام ڪجئين پيش هيءُ درگاهه نبي ۾، سرڪار نبيءَ ۾،
ديدار جي سائل کي سڏيو جلد پيارا، او قافلي وارا.

شب و روز هجر ۾ روئي، ديدار جو سائل، هي ’سعيد‘ سڪايل،
رستي ۾ وساري نه وڃو تنهن کي دلارا، او قافلي وارا.

*

محمد سعيد شاهه تڪڙائي
وسين ملوڪ شاهه

# نعت شريف

ننهن ۽ چوٽي آئون خطا،
۽ سرتا پا پاڻ عطا.

روح رحيم نہ تو موليٰ،
سير نہ تي ٿئي چشم ڪُشا.

جڳ مڳ، جڳ مڳ، جڳ سارو،
سرمون اک جو خاڪِ پا.

مؤمن ڪارڻ چانو ڇپَر،
ڪافر جي لئي حرف دُعا.

آن جي در ڪان دور رهي،
جي بہ جيا، سي جاڙ جيا.

شرف ’حسينيءَ‘ ڪي مليو،
ڪري اوهان جي مدح ثنا.

❊

سيد امداد حسيني،
حيدرآباد

# نعت شريف

لاالِـه الا الله ، جـــي لات وڏــي تـــي لـــولــي،
دم دم دل ۾ ياد نبـــي اها ٻاجھ پري آهــي ٻــولـــي.

ڪي شان گهُرن توڪان مانُ نبي، ڪي سوب گهرن سلطان نبي،
ڪي داتا گهُرن توڪان دانُ نبي، مونکي گهوٽ بنايو گولي.

ڪي فيض گهرن تا فقيريءَ جو، ڪي امداد گهُرن تا اميريءَ جو،
ڪي پيغام گهُرن تا پيريءَ جو. آئون ڳوڻن ڳلين منجھ ڳولي.

مونکي مهاجر ڪري تون مار نبي، دوست رهائي دربار نبي،
دم دم ۾ رهي ديدار نبـــي، چمڪـار اندر چــولــي.

ڪي زر گهرن تا زيب نبي، ڪي لاڳ گهرن لاريب نبي،
آئون گلشن گهران تو غيب نبي، لاهيو ڏک فراق جي ڏولي.

زيارت گهري هي ’زينل‘ تو، مٺا مير مديني جا مرسل تو،
هي ’پيـــر‘ پُڪـاري پلپـل پيـــو، اها هر هنڌ لايو هولي.

❇

پير زين العابدين شاھ
نورائي شريف

# نعت شريف

اج تہ آڌي رات جو مونکي سهڻـــو ســـرور ياد پيو،
منهنجي ننڊ نيڻن جي ڦِٽي مونکي هوت هر هر ياد پيو.

عشـــق ٻـــارڻ ٻـــاريـــا مون ماڳ مـــدينـــي جا ساريا،
گهوڙا، آئون گهر ڪئين گهاريان مونکي گهوٽ گوهر ياد پيو.

مـــابَين بَـــيِتي ساريان هر دم هنجون نويتي هاريان،
پڇري لئي پلپل پڪاريان مونکي محراب منبر ياد پيو.

سنـــڌ ۾ سڪندي تي مران، واحد گهرائي شل وران،
پاڙي تہ پريـــن پَران، مونکي ڪيف ڪوثر ياد پيو.

ســـر بســـر ساڳـــي سُتـــي مون هوت ڏٺڙو هو هِتي،
پڇرو پسان شل آئون اتي، مونکي جلوي جوهر ياد پيو.

منجه سُتـــي سَپنـــي وري، ديـــدار ڪيڙي دل ڇري،
منهنجي آڳ اندر تي ٻري، مونکي رات رهبر ياد پيو.

هن ضعيف 'زينل' کي سڏي، گهايل وٺو گولو گڏي،
هي ڇورو نہ ڏيو دلبر ڇڏي، جنهن کي محب منور ياد پيو.

❊

زين العابدين شاه
نورائي شريف

# نعت شريف

محبـــوب جي محفــــل ۾ ڪيڏو نہ مزو آهي،
هڪ نعـــــت حبيبــن جي سڀ درد ڇڏي لاهي.

ڇــا بخــــــت هنن جو آ، آيـــا جي هتي آهن،
هيءُ گهر خــــدا جو آ، هتي زور ڪنهن جو ناهي.

رب پاڪ ٿئي راضي، جنهن پنهنجي پانهي ڪان،
اُن بنــدي ڪــي مــوليٰ، اِت يــار تو ڪوٺائي.

ڪُل عــاشــق هِت ايندا، غـــدار جو ڪم ناهي،
بس پـــاڪ غـذا ڪي ئي، تو پـــاڪ جسم ڪائي.

ڪيڏو نہ مٺـو نالـو آ، سـرڪـار مـديـنـــ جو،
هر عاشـــق اکين مان پيـــو، نيــر ٻڏي وهــائــي.

ڪيـــڏي نہ ڪشش آهي اي ’پيـــر‘ ذڪـر هن ۾،
پـروانـــا اچن پيا تا، ڪاٺئون جو ڪٺئون ڪاهي.

❊

پير غلام جيلاني شاھ
نورائي شريف

# نعت شريف

آرزو آ، مــوت تنهنجــي منجھ قـدمــن تي وجـي،
تنهنجي چهري جو صبح صادق سان درشن ٿي وجي.

ســـــاهه منهنجي ۾ سمايل، شهد شربت جان هُجين،
جســـــم سارو ميٺ، اِن ماڪــيءَ جو برتن ٿي وجي.

جي پٽيان سامهون هُجين، جي پوريان توکي پسان،
رات ساري بســـــر تنهنجي، منجھ قدمــن ٿي وجي.

تنهنجي عظمت کي ڏسڻ، چاهيان اچان بالا بُلند،
تنهنجو خـــادم هاڻ هرڪو، مرد ۽ زن ٿــي وجــي.

’پيـــــر‘ جي اکيــن انــدر، اوطاق پنهنجي ڪر اچي،
تون روح ٿي مان جسم ٿيان، اهڙو هي تن من ٿي وجي.

❋

پير غلام جيلاني شاهه
نورائي شريف

# نعت شريف

رســـول الله جـــي ســـاراهہ ۾ آهـــي زبـــان صدقـــي،
زمين صدقي، زمان صدقي ۽ منهنجو جسم جان صدقي.

سندن گفتـــار جي گـــوهر مثان دُرِ عــدن صدقـــي،
سندن رفتـار خوش اطـــوار تان ســـارو جهان صدقي.

لبـــن لعلـــن مثان ياقوت گـــوهر لعل سپ صـدقـــي،
تيـــو آ مـــاهِ نـــورانـــي مُبـــارڪ منهن مثان صـدقـــي.

توهان جي عشــق ۾ ’ناظـــم‘ رهي تو سَيَدا صــدقـــي،
ڪيـــو اُن تـــي نگاهِ لـــطف رب مِـهـــربـان صـدقـــي.

❊

مولانا محمد ابراهيم ناظم
ڳڙهي ياسين

## نعت شريف

رســــــول الله جــو روضـــو ڏيکاريندم مِٺو مولا،
۽ پاڻـــي کـوهه زم زم جو پياريندم مِٺــو مــولا.

چُمي چانئٺ پيغمبر جي سعادت شل ڪندس حاصل،
مُئـل دل آه جـا منهنجـي جيــاريندم مٺــو مــولا.

حرم حضرت جو تو ساريان نمازون شل اتي پڙهندس،
محبــت مصطفــيٰ جي خــاص ڏياريندم مٺــو مــولا.

مديني جي گهٽين جون جي ٻه ديواريون تنئين چمندس،
بقيع جو، جو مُقــــام آهي گهمــائيندم مٺــو مــولا.

روئيندس مان سچي سردار جي روضي اڳيان هر هر،
ادب سردار جا حاصل ڪرائيندم مٺو مولىٰ.

’ديهاتي‘ کي سدائين آسرو سيـــــد سچـــي ۾ هيءُ،
مــرڻ جي ويــل ڪـلمـي سان اُماڻيندم مٺــو مــولا.

❊

مولوي قاضي نظر محمد سومرو ’ديهاتي‘
ديهات شريف ــ ڪنديارو

# نعت شريف

مونکي ٻيو ڪونه ٿو گهرجي سوا تو يارسول الله،
گهران ٿو توکان ئي تنهنجو مُهـــابو يارسول الله.

پُڪاريان ٿو توکي پلپــل، ڦَٽي آهي فــراقــن دِل،
جُـــدا توکان ٿيڻ مشڪــل، جيــاپــو يارسول الله.

تڪيندي تنهنجي محفل کي، لنگهي ويا سال سائل کي،
اچــي ڏي کــو ڦــٽيــل دل کـــي، دلاســـو يارسول الله.

ســدا سِڪ آهي سينــي ۾، مران شل مان مــديـنــي ۾،
مـــونـڪـــي حج جي مهينــي ۾، گهــرايـــو يارسول الله.

’عـــزيـــز‘ آهي سدا عاصي، تنهنجي ديدار جو پياسي،
مُــدامــي تنهنجــو ميــراســـي، ثنــاگـــو يارسول الله.

❊

عبدالعزيز ’عزيز‘ ابڙو
پيارو واهڻ ـــ ڏوڪري

## نعت شريف

مُنور تي ويو عــالــم، تيو نُــورِ خــدا پيدا،
قــريشــي هــاشمــي سيد، محمد مُصطفيٰ پيدا.

سَرِ تسليم خم، حور و ملڪ جن و بشر آهن،
چيو فِطــرت تہ اڳ اهڙو نہ تيو آ پيشــوا پيدا.

رسالت جنهن تي شيدا ۽ نبوت جان فدا جنهن تي،
مُبــارڪ ســو تيو دنيــا ۾ خَتَــمُ الانبيــاء پيــدا.

خدا جو عرش اعظم هن زمين تان تو تئي صدقي،
جــو عبــدالله جــي گهــر تيــو حبيبِ ڪبــريا پيــدا.

مُبارڪ صـــد مُبــارڪ بانــيءِ صَــد اِنـقــلاب آيــو،
قدم جنهن جي سان تي ويو فيضِ قُدرت جا بجا پيدا.

متايــو فــرق جنهن آهي فـقيــري ۽ اميـــريءَ جــو،
اَخُــوت جــو عــلــمــبــردار تــي ويو مــرحبــا پيـــــدا.

گداگر جنهــن جي در جا بــادشــاهــن ڪان تيــا بهتــر،
ڏنــي جنهــن ديــن جــي دولت، تيــو سو دلــربــا پيدا.

’اثــر‘ اُيــري پيــا آهــن هـــزاريــن آســـرا دل ۾،
تيــو امــت جــي آڌر شــافــعِ روزِ جــزا پيـــــدا.

❋

عبدالله ’اثر‘ ـــ بيڙو چانديو، لاڙڪاڻو

# نعت شريف

منهنجو مصطفيٰ پاڪ پدرو لکن ۾،
جيئن گل گلابي آ سهڻو گلن ۾.

حشر ويل هوندا سوين راج راڻا،
تنين مان محمّد پري ڪان سڃاڻا.
هوندس چوڌڪاري جو جهندو هٿن ۾.

ڪندو هرڪو پنهنجي رڳي جان پُختي،
محمّد ڪي من ۾ يا اُمتي يااُمتي،
اهڙيون سَوَ سچايون ڏيکاري ڏکن ۾.

جهنم کي جنهن ڏينهن هوندي موج مَستي،
انهي باه کي پي هٽائي ڪا هستي،
ڪري پار ڪشتي آڻيندو امن ۾.

ڏکن ۽ ڏولاون جي ڪا پرواه ناهي،
ضعيفن جو ضامن ڏيندو راه ٺاهي،
اچي پاڻ بيهندو سو سرور صفن ۾.

شڪر ڪر 'مهيسر' شفادار مليو،
پڪو سات ڏيندڙ وفادار مليو،
'غلام نبي' تي خوشي هر وطن ۾.

❋

حاجي غلام نبي مهيسر ميهڙ

# نعت شريف

حاجي وڃو ٿا حج تي روئي پيغام ڇئجو،
سؤ ڀيرا سِر جهُڪائي منهجا سلام ڇئجو.

بدڪار آهيان ٻُڇڙو ، رحمت رسول ڪر تون،
ڪر معاف تون مدايون شفقت رسول ڪر تون،
آهي سدائين لب تي هر وار نام ڇئجو.

حُب آ حضور مونکي هيڪر اچان مديني،
يا مصطفيٰ منارا تنهنجا ڏسان مديني ،
سنڌ ۾ نه آهي مونکي ، ڪوئي آرام ڇئجو.

’درگاهي‘ ڇئي ديوانو آهيان تنهجي جي سهاري،
هيڪر اچان مديني پلپل پيو پڪاري،
روهڙيءَ ۾ پيو گذاري غم ۾ غلام ڇئجو.

❋

درگاهي روهڙي شريف

# نعت شريف

الاهي جلد قسمت ڪر مديني ڏي تـون اڄڪلهه ۾،
محـمّد جي محبت جو جاڳايو جوش ڪو دل ۾.

(١)

مديني ڏي سفر ڪندي مَران شل مان مُسافر تي،
پلي لاشو رُلي منهنجو عرب جي پاڪ جهنگل ۾.

(٢)

وڃي واٽون مديني جون ڪريان پنڌڙو پيادل تي،
وتان پنندو فقيرن جيئن پايو ڪفني ڪتي ڳل ۾.

(٣)

عَرب جا مرون ڪائن لتون ڏئي لاش منهجي کي،
مُلن کي چا ڪندو منهجو نہ ڪم ڪوئي ڪفن قل ۾.

’غـلامِ رسـول‘ آهيان غمن ۾ هت پيو گهاريـان،
مديني لئي سڪي مئڙس عمر گذري تي جنجل ۾.

❉

حاجي غلام رسول جتوئي
محراب پور ڏوڪري

## نعت شريف

شانِ رسالـــت مـوليٰ جاڻي ٻي ڪي طاقت ناهي،
مالڪ جو محبـوب محمـد ڪونهي ڪنهن کان دور،
نبـي سـائين نـور آ، حـق نبـي سـائيـن نــــور آ.

آئي ڄـام مـحـمّـد جي پيا پٽـر پڙهن صلـواتـون،
مَلڪ فلڪ ڀي ڳائن دم دم نور نبـــيءَ جون نعتــون،
اهڙي شـــان مبارڪ وارو آ حضـرت پاڪ حـضـور،
نبــي سـائيـن نــور آ ، حــق نبــي سائيـن نـور آ.

جڏهن پڙهون ٿا درود سـجــڻ تي پــاڻ دُرود ٻُـڌن ٿا،
روضــي اطهــر پــاڪ منجهــاران جلـد جواب ڏين ٿا،
چـو نہ چـوان مان سهڻـو مـحـمّـــد زنده آهي ضرور،
نبــي سـائيــن نـور آ ، حـق نبـي سـائيـن نـور آ.

حاضر ناظـر منهجو سائين حڪـم خـدا سان آهـي،
اهـلِ سنـت وارو عـقيـدو يــار اهـوئـي آهــــي،
تون نہ ڏسين تو تنهجي آهـــي پـائـو اک جو قصــور،
نبــي سـائيــن نــور آ ، حـق نبــي سـائيــن نـور آ.

سهڻــي عربــي ڄـام جي آئي ٿي ويون سڀ سٺـايون
تون مان ويهي اُن محبـوب جون نـعتــــون اڄ ٿا ڳايون،
نثار ڪُبر ٿيو جنهن جي صدقــي ملڪن ۾ ٿيو مشهور،
نبــي سـائيــن نـور آ ، حـق نبــي سـائيــن نــــور آ.

*

نثاراحمد ڪُبر ڳوٺ صادق ڪُبر- تعلقہ ٺري ميرواهہ

## نعت شريف

اي قلم لِک ۽ باعثِ ايجاد عالم جي ثنا،
بانيءِ اسلام ۽ سالارِ اعظم جي ثنا.

سيدُالثقلين محبوب خدا نُورالهُديٰ،
ڪاشفِ سرِ حقيقت، راز محرم جي ثنا.

تي بيان، والشَمس ۾ روُءِ منور جي ثنا،
ڏِس وري وَالليل ۾ تون زلَف خم(1)خم جي ثنا.

خاتم مُهرِ نبوت ۽ امامُ الانبياء،
فخرِ عيسيٰ فخر موسيٰ فخر آدم جي ثنا.

وَالضُحيٰ والفَجرِ ۽ يٰس طٰه شان ۾،
پڻ مُزمِلُ ۾ رسولِ پاڪ اڪرم جي ثنا.

يا خدا ڪر عشق احمد جو عطا 'مجروح' کي ،
تا بمَحَشر پيو ڪري هو تنهجي مُرسل جي ثنا.

❋

عزيزالله مجروح

# نعت شريف

مان ڪريان قُــربــان عــربيءَ گهوٽ تان جند جان مال،
ڪونہ ٿيو ثانــي سندس جو آهــي سيــد بــي مثــال.

سِڪ اٿــم سينـــي اندر مُــرســل سندي ديــدار جي ،
جنهن سِوا هر هڪ جــدائي جي گهڙي آهي ســال ســال.

مُحــب مــدنـــي ڪان جُــدا، منهنجو هتي ڄاڻي خُــدا،
رهــــڻ ڏڪيــو ٿو ٿئي ۾ زندگـــي آهي جنـجــال.

هڪ دفعو زيارت ڪريان مِنـٿڙي مُحـمّــد مير جي،
تان لهــي هي منهنجي دل جو درد ڏک غــم ۽ ملال.

يا خــدا ڏي تون ثمر، ڪريان مدينـــي ۾ مان گهر،
تو اڳيان ســائين سچا ڪجهہ ٻي نہ آهي هيءُ محال.

لک اڳي احسان ڪيا ’قاضي‘ مٿان خيــرالوريٰ،
جاءِ پيراندي ڪان ڏي زياده ڪري مون تي هي پال.

*

قاضي صاحب ، ماتلي

## نعت شريف

سچـــا ســرور پرين پـرور، پيـــارا يـــارســــول الله،
وسيـــلا بي وسيلـــن جـــا، پـــلارا   يارســــول الله.

تنهنجي ڄاپڻ سان اي جاني، ڀڳا سڀ ڪوٽ ڪُفراني،
وڳا هر سُو مسلـــمــــانــي، نغـــارا يـــارســــول الله.

شفيع المذنبين حضرت، تو ڪــــي الله ڏنـــي نُصـــرت،
مـــلائڪ ڪن تنهنجي خدمـــت، دلارا   يارســـول الله.

ڏڪــي ســرتـــاج لـــولاڪـــي، ڪيو تـــو سيـــر اَفلاڪي،
نہ ڇاٽان ڇا رهيـــو بـــاقـــي ، پـــلارا  يـــا رســـول الله.

منـــا مشفـــق اڙيـــن آڏر، اُداســـي دل چـــوي هـــرهـــر،
پسان تنهنجـــا اچي هيڪـــــر، مُـــنـــارا يـــارســـول الله.

’نـظامــــي‘ تي نظـــر ڪـريـــو، بنـــايـــو چـــاهہ ۾ چريو،
پلئـــو اميـــد ســـان پريـــو، خدارا   يـــارســـول الله.

❋

غلام احمد نظامي، ڪراچي

# نعت شريف

زمانـي جي پسـنـديـده نـظارن ۾ مــحــمّـد آ،
نمـازِ عـشـق الـفـت جـي اشــارن ۾ مــحـمّــد آ.

رهي ٿو قرب جو ڪاڏو سـدا مـحبـوب مـرسـل سان،
جـهــانِ آرزو جــي چـنـڊ تـارن ۾ مـحــمّــد آ.

حـبيـب ڪـبـريـا سان رڪ صداقـت دائـمـا دل ۾،
چـون ٿـا دردمـنـدن صـدق وارن ۾ مـحـمّـد آ.

لڳي ويو عشق جنهن کي مصطفيٰ جو، اُن کي ڪهڙو غم،
رهن غــارن ۾ يـارن ۾ سـهــارن ۾ مــحـمّـد آ.

ڏجـون چـو بحـر دنيـا ڪان جـڏهـن ساٿي ٿيو پنهنجو،
ڪُـنـن ۾ سِيـر ۾ مـوجـن، ڪنـارن ۾ مـحـمّـد آ.

ڪيـو قـربـان جـن سـر سـاهه آهي ديـن جي صـدقــي،
اي ’سـالـم‘ تن محـبـن جـان نـثـارن ۾ مـحـمّـد آ.

❋

محمد حسن ’سالم‘ لاڪير
ميهڙ

## نعت شريف

مچي وئي ڌ ومر عــالــم ۾، مـــحـــمّـــد مصطفيٰ آيو،
پڙهـــو صلي عليٰ خيـــرُالبشـــر خيـــرُالـــوريٰ آيـــو.

شـريـعـت ختــم ٿي جنهن تي، ســو ختمُ الانبياء آيو،
اَجهو ۽ آســرو اُمـــت جـــو احـــمـــد مـجتـبيٰ آيـــو.

قيامت جو نہ ڪنهن کي خـــوف، هو گمراهہ هر ڪوئي،
هـدايـت لاءِ هـــادي تـــي، اســان ڏي رهـنمـــا آيـــو.

هلي وئي ڪفـــر جي ظلمـــات، دنيـــا تي سڄي روشن،
ڪٽي جو شمـــع ايمـــان خـــود نبـــي نـــور الهُـدىٰ آيو.

چيـــو عـــاصين اِجهـــو تا پار پهچون بحـــرِ عصيان جي،
گنهگارن جي ڪِشتـــي جو جـــڏهـــن هي مُـقـتـدا آيو.

خوشي هر دو سرا ۾ تي، سڄي ڪـــونُ و مڪـــان ۾ تي،
چئي خـــوش ٿئي تو هر ڪـــو، زينـــتِ ارض و سمـــا آيو.

فقط هڪ قـــوم لئي آيو، نبـــي دنيـــا ۾ بيـــو هـــر ڪو،
مــــگـــر ســاري زمـانـي لاءِ هڪ هـي پـيـشـــوا آيو.

’نـــواز‘ آهـــي اِهـــا اُمـيــد، سڀ کي نينـــدو جنت ۾،
قيـــامـــت ۾ جـــڏهـــن هـــي شـــافـع روزِ جـــزا آيـــو.

❋

نواز علي ناز

# نعت شريف

آهي نبـــي اسان جو بيشڪ حيات يــارو،
دل سان پڙهو متائنس، مڙئي صلوات يارو.

محبت بنا محمد، اسلام ڪجھ ﻧﻪ ناهي،
ري حُب هاشمي جي، ناهي نجات يـــارو.

هتڙي ﻧﻪ حامي آهي، سڪرات ۾ ﻧﻪ برحق،
الله آهي شــاهـد بـعـد از مَمَات يـارو.

نيڪن ڪي نيڪ عملن تي آسرو ليڪن،
احمد تي آسرو آ مڙني عُصات (1) يارو.

وس ڪان تيس مان بيوس منهنجو ﻧﻪ وس اي يارو،
تن ۾ مدام مرسل جي آهي تات يارو.

’عبدالڪريم‘ عاشق جو ورد ۽ وظيفو،
صلـــوات جي سدائين وائي آ وات يارو.

*

مولوي عبدالڪريم ڪُهاڙو
لاڙڪاڻو

# نعت شريف

يــارســـول الله تنهنجو جلـــوو هر شيءِ ۾ ڏسان،
عرش تي ۽ فرش تي تنهنجي حڪومت ٿو پسان.

(١)

منتهيٰ طوبيٰ جي پن پن تي اســـم تنهنجو لکيل،
خـــاڪ قــدمن پــاڪ جي حــورن جي اکين ۾ پيل،
شــان بي پايان تنهنجــي ۾ لاٿــو قـــادر قـــرآن.

(٢)

هــر ورق توراة ۾ تنهنجـــي ثنـــا ۽ نـعـــت آ،
شاهـدي انجيـــل ۾ تنهـنجـي نـورانــي ذات آ،
نُــور تنهنجي مان ٿيا تـارا ڪتيون ۽ آسمـــان.

(٣)

روزِ محشر هوندي، بلند ڪرسي،سين ڪان شــاهه جي،
پيــار مــان فــرمــائينـــدي، ات ذات ائيــن الله جي،
جيئن وٽي تيئن ڪر، سڄڻ دفتر، سارو تنهنجي اڳيان.

(٤)

يا شفيع المُذنبي ڪر ٻاجهه ’شمسي‘ جي مٿان،
عشق ۾ عربي تنهنجي شل دم ڏئي تو وٽ مران،
مرڻ ويلي ڪلمون طيب ۽ صلواتون مان پڙهان.

❊

شمسي

# نعت شريف

عرب تنهنجو مدني عجم تنهنجو مدني،
آهي لوح تنهنجو قلم تنهنجو مدني.

(١)

اشاري سان تنهنجي پٿر ترندي آيو،
شهادت جا ڪلمان پٿر پڙهندي آيو،
ادب سان شتر مست زمين چمندي آيو،
حيوانن پکين تي حڪم تنهنجو مدني.

(٢)

مولا جو مُلڪ سو ملڪ تنهنجو مدني،
ڪتيون ٽيڙون تارا فلڪ تنهنجو مدني،
خدا کان جدا ناهي پلڪ تنهنجو مدني،
همعصر نہ پائيان قسم تنهنجو مدني.

(٣)

تو بيت المقدس جي ڪئي پيشوائي،
دو عالم جي تو ڪئي رهنمائي،
مَلڪن جِنن کي تو تسبيح پڙهائي،
نبين سين تي قدم تنهنجو مدني.

(۴)

علم تنهنجو سرور خفي ۽ جلي آ،
دنيا آخرت ۾ مدني تو پلي آ،
کپي رحم تنهنجو ڪرم تنهنجو مدني،
تنهنجي در تي 'شمسي' جهولي جهلي آ.

❋

شمسي

# نعت شريف

لک بار مبارڪ اُمت کي سـردار مـحـمّـد آيـو آ،
مِيلاد ملهـايو محبت سـان منثـار مـحـمّـد آيو آ.

(١)

جنهن لاءِ سڪياسون سال سوين، محبوب جا ٽيڙا پال سوين،
هـر حال ۾ ٿيا خوشحال سوين، منهنجـو مـحـمّـد آيو آ.

(٢)

احسان هزارين آب مليا، صـد رحـمـت جا هِت باب کليا،
هت عشق حسن جا حساب هليا، انوار مـحـمّـد آيو آ.

(٣)

ٿي فرت نظِير نيازن جي، ڪٿ رمـزن جي ڪٿ رازن جي،
اڄ رات پلـي شهبـازن جـي، سينگار مـحـمّـد آيو آ.

❊

ماستر نظير بلالي

# فارسي نعتون

# مُناجات بابرڪات

از قلم قيوم جهان حضُرت شاه صفي الله مجددي سرهندي
قدس سره العزيز

الاهي گرچه بدڪارم عقوبت را سزاوارم
الاهي جيتوڻيڪ آئون بدڪار آهيان ۽ آئون(تنهنجي)سزا جي لائق آهيان
اُميد از حضرتت دارم توئي رحمٰن ياالله
(مگر)آئون تنهنجي ذات اقدس ۾ اميد رکان ٿو(ڇوته)تون ئي نهايت مهربان آهين ياالله.
نشد صوم و صلواة ازمن نه حج و نه زڪواة ازمن
نه منهنجون نمازون ۽ روزا ٿيا نه منهنجو حج ۽ نه منهنجي زڪواة ٿي
نه سعي درثبات از مـــن بجز بطلان ياالله
مون نيڪيءَ جي ڪمن ۾ گناهن کان سواءِ عمل نه ڪيو ياالله.
من از حُسنِ عمل دورم بداغِ فسق ناسورم
آئون نيڪ عملن کان دور آهيان(۽)گناهن جي داغ سان ڦٽيل آهيان .
عيان چون قصر معمورم نهان ويران ياالله
ظاهر ۾ محل وانگر خوبصورت آهيان ۽ اندر منهنجو ويران آهي ياالله.
به صورت شيخ صنعانم بمعنيٰ ننگ گبرانم
صورت ۾ شيخ صنعان وانگر آهيان ۽ اندر ۾ بي دين آهيان..
نه راه ڪـــفـــر را دانم نه از ايمان ياالله
نه ڪفـــر جي راهه ڄاڻــان ٿـــو ۽ نه ايمــان ڄاڻـــان ٿو يـــا الله.
منم حادث قديمي تو رميمم من رحيمي تو
آئون حادث آهيان ۽ تون قديم آهين، آئون فاني آهيان ۽ تون رحيم آهين.
لئيمم من ڪريمي تو به صد بُرهان ياالله
آئون خراب آهيان ۽ تون سئو دليلن سان سخي آهين يا الله.

به ڪردارِ خراب من به فعلِ ناصواب من
منهنجي خراب ڪردار ۽ منهنجي بُرن ڪمن جي ڪري تون مون تان
رُخِ احسان متاب از من توئي منان ياالله
پنهنجي احسان جو رُخ نـه مٽاءِ (ڇوته ) تون ئي احسان ڪندڙ آهين ياالله.
بروئي آل پيغمبر بڪـوئـے ڪعبئه انور
اهلبيتن جي مُهابي، ڪعبه انور جي رستي جي مُهابي
ز تقصيرات من بگذر به اين و آن ياالله
منهنجا اڳيان ۽ پويان گناهَ معاف ڪر يا الله.
به صديق و عمر عادل به عثمان و علي عامل
صديق اڪبر، فاروق اعظم. عثمان غني علي شيرِخدا جي واسطي
عيان ڪن بامنِ جاهل ره عرفان ياالله
مون جاهل لاءِ عرفان جي راهَ ظاهر ڪر يا الله.
به وقت نزع من بارے به عشق خويش ڪن يارے
هن جهان مان رخصت وقت تون پنهنجي محبت سان منهنجي مدد ڪر
مرا بے شوق نه گذاري دران آوان ياالله
مون کي ان وقت بنان محبت جي اُتان نـه لنگهائجين يا الله.
چوں سڪراتم قريب آيد اگر لُطفے ڪني شايد
جڏهن منهنجي سڪرات قريب اچي تون جيڪڏهن پنهنجو لُطف ڪندين
مرا بوئے حبيب آيد ز عربُســـتان ياالله
تـه مون کي تنهنجي حبيب ڪريم جي خوشبوءِعربستان مان اچي سگهي ٿي ياالله.
دران حالت ثبا تم ده برات حسن خاتم ده
انهيءَ حالت ۾ مون کي ثابت قدمي عطاڪر ۽ منهنجو خاتمو بالخير ڪر
زڪنج خود زڪواتم ده زر ايمان ياالله
تون مون کي پنهنجي خزاني مان ايمان جي زڪواة ڏي ياالله.

ز بعد مُردنم خويشان زن و فرزند دل ريشان
منهنجي فوت ٿيڻ کان پوءِ منهنجي گهرواري ۽ فرزند ڏکويل هوندا
بنالند ساعتے ايشاں چوں غم کيشان ياالله
۽ ڪجهه وقت اهي گهٽي ڏک کان روئندا يا الله.
پِس آنکه حيله پردازند بتکفينم هنر بازند
اُن کان پوءِ اهي مون کي ڪفن ڍڪائي
بگورستان روان سازند مرا اينان ياالله
قبرستان ڏانهن ڪلهو ڏيندا يا الله.
به قبر من فرود آرند بخاک تيره بسپارند
اُهي مون کي قبر ۾ داخل ڪندا ۽ مٽيءَ جي حوالي ڪندا
به تنهائيم بگذارند در آن زندان ياالله
اهي مون کي ان وقت اڪيلو قيد ۾ ڇڏيندا يا الله.
ز منڪر و از نڪيرِ من بفرياد و نفيرن
منڪر ۽ نڪير جي اچڻ وقت آئون توکي سڏيندس
تو باشي دستگير من بهرِ عنوان ياالله
تون هر طرح سان منهنجي مدد ڪجئين يا الله.
به حشرم چوں برانگيزي به جسم و جان در آويزي
حشر جي ڏينهن جڏهن تون مونکي جسم ۽ جان سان اثاريندينءِ
مرا از لُطف ناميزي بمغضُو بان ياالله
مون کي تون پنهنجي لُطف سان غضب ڪيلن سان نہ گڏجئين ياالله
من از انديشئه آن دم به گردابِ غم افتادم
انهيءَ وقت جي پريشاني جي ڪري آئون غمن جي کُنن ۾ پيل آهيان
ز عمر خويش ناشادم اجل خواہان ياالله
حياتي پنهنجي کان آئون ناخوش آهيان(۽) موت گهران تو ياالله

ولي مشڪل بود آن دم ڪه گر صد مرگ را خوانم
پر ان وقت مشڪل هوندو، جيتوڻيڪ سئو موتن کي سڏيان
خلاصي نيست از آنم بهيچ عنوان ياالله
پر انهيءَ مان ڪنهن به طريقي سان جند نه ٿو ڇڏائي سگهان ياالله
مگر لُطفت شود شامل به اين فرسوده مشت گل
مگر جيڪڏهن هن عاجز کي توهان جو لُطف شامل حال ٿئي،
ڪه آيد برلب ساحل ازان طوفان ياالله
ته آئون اُن طوفان کان ڪناري تي اچي سگهان ٿو ياالله.
دران وادي چون درمانم ڪني دشوار آسانم
انهيءَ واديءَ ۾ جڏهن آئون پريشان هوندس،تون ئي منهنجي مشڪل آسان ڪر
ڪشي برلوح عِصيانم خطِ غفران ياالله
(۽ تون) منهنجي بري اعمالنامي تي بخشش جو قلم هلاءِ ياالله
صفي ڪوزشت ڪردار است به بخشايش سزاوار است
صفي جيتوڻيڪ گنهگار آهي پر بخشش جو اميدوار آهي،
ترا ازجان طلبگار است به دل جوريان ياالله
توکي جان ۽ دل سان (هروقت) ڳوليندڙ آهي يا الله.

❋❋❋❋

## از قلم حضرت قيوم جهان قدس سرّه

هي مناجات حضرت قيوم جهان قدس سره جي چيل آهي.

۽ ترجمون ڪندڙ: فقير عبدالوحيد جان سرهندي آهي.

02.08.1999

# نعت شريف

الاهي از کرم کن گويائي مدحش کن زبانم را،
بفضل و رحمتت شايان قربش کن بيانم را.

زجام بادهء شوقش چنانم از خودي برهان،
نيا بد هيچ جا کس همچو عنقا آشيانم را.

براوج نعت پردازي عطا کُن برق پروازي،
که در جولانِ توصيفش نگيرد کس عنانم را.

زنور اقدسِ مدح و ثنائي شاه او ادنىٰ
بزير چرخ تابان کُن چون خورشيد اين بيانم را.

ز توصيف شهنشاه دو عالم احمدﷺ مرسل،
سُرور سينه ام را بخش و شيرين کُن زبانم را.

چنا مَحوِ جمالش کُن که درخود گم کنم خودرا،
شوم معدوم در هستي نيابد کس نشانم را.

دل از من برد فضل اين مصرعهء صادق که ميگويد،
خداوندا بکـــن گـــــــــويا بنعت او زبانـــــم را.

*

حضرت خواجہ فضل الله جان
سرهندي قدس سره

# نعت شريف

ز او صاف مدينه گرچه گويم قطره از دريا است،
عفاف آنجا كفاف آنجا صلواة آنجا زكواة آنجا .

خداوند عطا كن بنده خودرا بفضل خود،
قيام آنجا مقام آنجا حيات آنجا ممات آنجا.

اگر خواهي ڪه بيني جنت الماوىٰ در اين عالم،
نشين در روضهء اطهر بخواه از حق نجات آنجا .

*

حضرت خواجہ محمد حسن جان
سرهندي قدس سره
ٽنڊو سائينداد

# نعت شريف

به جناب سرور انبياء برسان صبا تو سلام من،
به هزار عجز و ادب ادا بنمائي غرض پيام من.

كه به شام هجر تو سوختم چه شود بلطف كرم اگر،
به ضيائے مهر وصال خود بكني چون صبح تو شام من.

همه وقت در همه جا روم زپئے تو سيد انبياء،
من مقتدي بقفائے تو توئي مقتدا و امام من .

به سواد روضئه انورت شود چون ديده مكحلم،
به يقين كه گردش آسمان گردد بحسب مرام من.

اي جناب جمع سگان خود بشماريم اگر از كرم،
به خدا كه كار جڳان همه بشود بحكم و بكام من،

به نماز ياد دو ابرويت بنمائيم بشود ادا،
چه ركوع من چه سجود من چه قعود من چه قيام من.

چون بهر طرف نظر افگنم نبود بجز تو مقابلم،
به يمين و من به قــفــائے مــن به قـــدام من.

اگر اين بود كه نه لائقم كه به يُقظه رَو بَنُمائيم،
به كمال لطف و كرم شهے من شبے به منام من.

*

حضرت خواجه عبدالباقي جان سرهندي قدس سره

# نعت شريف

سجده گاهِ قدسیان از خاک آدم ساختند،
درسر ستش نورِ احمد را بپنهان ساختند.

یار غار مصطفےٰ صدیق اکبر گشته است،
حضرت فاروق رافتاح عادل ساخته است.

معدنِ جود و حیا را زیب عثمان کرده اند،
ساقي کوثر بمحشر شاهِ مــــردان ساختند.

بنده٤ قدوس رادر روزِ محشـــر غم مباد،
چون شفیع المذنبین سالار محشر ساختند.

*

حضرت خواجہ عبدالقدوس جان سرڳندي مجددي
المعروف بہ حضرت شيرين جان
قدس سره العزيز
ٽندو محمد خان سنده

## رباعي

بصورت تونگارد گرشنيده نه شد
بقامت تو دراين باغ سرو ديده نشد
زکلک صنعت حق يامحمد عربي
مثال ذات شريف تو آفريده نشد

## قطعه

ابوبکر است چون عرش معظم
عمر با وسعت کرسي است همدم
نباشد کلک عثمان از قلم کم
علي بر نسخهٔ لوح است اعلم
ببين کاين چارتن هستند باهم
بيک جسم و بيک روح و بيکدم

## قطعه

صِدّيق جلوه ريز جمالِ مُحمَّدِ
فاروق پرده دار جلالِ مُحمَّدِ
عُثمان حيَا پذير خصالِ مُحمَّدِ
حَيدَردر مقيم بزمِ کمالِ مُحمَّدِ

*